SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1976

# سنڌ قانونن جي ترميم آرڊيننس، 1976

# THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ORDINANCE, 1976

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. ڪجھ قانونن ۾ ترميم

Amendment in Certain Laws

# سنڌ آرڊيننس نمبر III مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO.III OF 1976

# سنڌ قانونن جي ترميم آرڊيننس، 1976

# THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ORDINANCE, 1976

[12 فيبروري 1976]

اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 8 جي شق (4) جي روشني ۾ ڪن قانونن ۾ ترميم جو آرڊيننس.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اسلامي جمهوري پاڪستان جي آرٽيڪل 8 جي شق (4) جي روشني ۾ چند قانونن (CERTAIN LAWS) ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي.

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي،

هاڻي تنهن ڪري اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) موجب ڏنل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، ۽ صدر جي اڳواٽ منظوري (SANCTION) سان. جيئن آرٽيڪل 268 جي شق (2) جون گهرجون آهن. سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي ۽ نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ قانونن جي ترميم وارو آرڊيننس، 1976 (THE SINDH AMENDMENT OF LAWS ORDINANCE, 1976) سڏيو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

(2) اهو هڪدم نافذالعمل ٿيندو.

2. شيڊول ۾ ڄاڻايل قانونن جي ٻئي ڪالم ۾ ڄاڻايل طريقي سان ترميم ڪئي وئي آهي.

حقيقي قانونن ۾ ترميم

Amendment in Certain Laws

جدول (THE SCHEDULE)

(ڏسو دفعه 2)

| ترميم هيٺ آندل قانون | آندل ترميم |
|---|---|
| 1 | 2 |
| سوسائٽيز رجسٽريشن 1860 (XXI OF 1860)<br><br>Societies Registration 1860 (XXI of 1860) | دفعه 16_A لاءِ، هيٺين تبديلي آندي ويندي، يعني،<br><br>"16_A. هڪ معاشري (Society) جي گورننگ باڊي جي سپرسيشن (Supersession):ـ<br><br>(1) هن ايڪٽ تحت رجسٽرڊ هڪ سوسائٽي جي يادداشت نامي (Memorandum) ۾ موجود ايسوسيئيشن، قاعدن ۽ ضابطن جي متضاد نه آهي ته ۽ جيڪڏهن اهڙي جاچ ڪانپوءِ جيڪا گهربل هجي، |

| | |
|---|---|
| صوبائي حڪومت ان خيال جي آهي تہ سوسائٽي جي گورننگ باڊي،<br><br>(الف) فرض نڀائڻ جي لائق ناهي يا پنهنجا فرض نڀائڻ ۾ لڳاتار ناڪام ٿئي ٿي، يا<br><br>(ب) پنهنجا معاملا سنڀالڻ جي لائق نہ آهي يا مالي مسئلن ڪي منهن ڏئي رهي آهي، يا<br><br>(ج) عوامي مفادن جي خلاف يا سوسائٽي جي ميمبرز جي مفادن خلاف طور قدم کڻي ٿي، تہ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، گورننگ باڊي کي اهڙي عرصي لاءِ معطل ڪري (Superseded) سگهي ٿي، جيڪو هڪ سال کان وڌيڪ نہ هوندو. ۽ اها ڳالهہ جيئن نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل هوندي.<br><br>(2)ذيلي دفعہ (1) تحت شايع ٿيل نوٽيفڪيشن ڪانپوءِ۔<br><br>(الف) عهديدار ۽ گورننگ باڊي جا ميمبرپنهنجي پنهنجي عهدي تي نہ رهندا. | |

| | |
|---|---|
| (ب) گورننگ باڊي جا سمورا ڪم، معطلي جي عرصي دوران، صوبائي حڪومت طرفان جوڙيل گورننگ باڊي ڪندي يا اهڙي اختياري جيڪا صوبائي حڪومت ان ڪم لاءِ مقرر ڪندي.<br><br>(3)معطلي (Supersession) جو عرصو پورو ٿيڻ تي، سوسائٽي جي گورننگ باڊي ايسوسيئيشن، قاعدن ۽ ضابطن جي ياداشت نامي موجب ٻيهر جوڙي ويندي.". | |
| دفعہ 3 ۾، آخر ۾ موجود فل اسٽاپ جي جڳهہ تي ڪاما متبادل بڻائي ويندي ۽ ان ڪانپوءِ هي شق (Proviso) جو اضافو ڪيو ويندو، يعني:-<br><br>"بشرطيڪ ڪنهن شخص پاران اهڙي اجازت جي منظوري واري درخواست رد نہ ڪئي ويندي-<br><br>(الف) اهڙي شخص کي ان خلاف سبب ڄاڻائڻ جو موقعو ڏيڻ ڪانسواءِ، يا<br><br>(ب) جيستائين ان بابت موجود معلومات جي بنيادن تي حڪومت مطمئن آهي ۽ اهڙي جاچ ڪرائڻ ڪانپوءِ جيڪا موزون | سنڌ انڊسٽريز (ڪنٽرول آن اسٽيبلشمينٽ انلارجمينٽ) آرڊيننس، 1963 (اولهہ پاڪستان آرڊيننس نمبر.IV مجريہ 1963)<br><br>The Sindh Industries (Control on Establishment and |

| | |
|---|---|
| (Enlargement Ordinance, 1963 (West Pakistan Ordinance No.IV of 1963) | هجي، تہ اهڙي شخص کي اجازت اگر اها منظوري قومي مفاد جي خلاف ناهي، يا مقامي ماڻهن جي صحت لا نقصانڪار، يا انهن لاءِ گوڙ جو باعث ناهي، جنهن مقامي علائقي ۾ ڪارخانو جوڙڻ جو مقصد ڪيو ويو آهي، جيئن ڪيس هجي، ڪارخانو جتي موجود آهي، ان کي وڌائڻ (ENLARGED) جو مقصد (PROPOSED) جوڙيو ويو آهي.". |
| نجي طريقي سان هلندڙ اسڪول ۽ ڪاليجز کي (تحويل ۾ وٺڻ) جي قانون سازي، 1972<br><br>The Privately Managed Schools and Colleges (Taking Over) Regulation, 1972 | 1.پيراگراف 2 ۾۔<br><br>(الف) شق (b) ۾ لفظن "سنڀاليل ۽ (Maintained and" جي جڳهہ تي لفظ ۽ ڪامائون "قبضي ۾ ورتل، سنڀاليل يا (Owned, Maintained or" متبادل بڻايا ويندا، ۽<br><br>(ب) شق (c) ۾ لفظن "سنڀاليل ۽ (Maintained and" جي جڳهہ تي لفظ ۽ ڪامائون "قبضي ۾ ورتل، سنڀاليل يا (Owned, Maintained or" متبادل بڻايا ويندا.<br><br>2.پيراگراف 3 لاءِ، هيٺيون تبديليون آنديون وينديون، يعني،<br><br>"3. (1) صوبائي حڪومت جي اڳوات |

| | |
|---|---|
| اجازت ۾ اهڙين شرطن جيڪي هجن، انهن  ڪانسواءِ عوامي مفادن، ڪو بہ شخص جيڪو نجي طريقي هلندڙ ڪاليج يا نجي طريقي هلندڙ اسڪول سنڀاليندو هجي، ان ڪاليج يا اسڪول کي بند نہ ڪري سگهي يا ان جي ڪم کي ملتوي نہ ڪري سگهي يا ڪنهن طريقي سان ان ڪاليج يا اسڪول سان جڙيل ڪنهن ملڪيت يا مفاد کي منتقل نہ ڪري سگهي.<br><br>(2)15هين مارچ 1972 تي يا ان کانپوءِ ڪيل ڪو ٺيڪو (Contract) يا معاهدو (Agreement)، جيڪو ذيلي پيراگراف (1) سان ٽڪراءَ (Contravention) ۾ هجي اهو رد (Void) ڪيو ويندو.".<br><br>3.پيراگراف 5 ۾، آخر ۾ موجود فل اسٽاپ جي جڳهہ تي ڪاما کي متبادل بڻايو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين شقن (Proviso) جو اضافو ڪيو ويندو، يعني،<br><br>"بشرطيڪ اهڙي نجي طريقي هلندڙ ڪنهن بہ اسڪول جي سلسلي ۾ ڪو | |

۽ نوٽيفڪيشن جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين صوبائي حڪومت مطمئن نہ ٿي ٿئي تہ اهڙو اسڪول نٿو هلي سگهي حقيقي بينوويلنٽ (Benevolent)، فلنٿروپڪ (Philanthropic)يا نان_ ڪمرشل (Non_Commercial) بنيادن تي يا خاص معيارن (Proper Standards) تي پورو نٿو لهي.".

4.پيراگراف 6 ۾_

(الف) ذيلي پيراگراف (1) ۾ لفظن "ان (It)" ڪانپوءِ آخر ۾ ڪامائون ۽ لفظ "،صوبائي حڪومت جي اڳوات اجازت ۽ اهڙين شرطن جيڪي هجن، انهن ڪانسواءِ عوامي مفادن خلاف" وڌايا ويندا، ۽

(ب) ذيلي پيراگراف (2) ۾ لفظن "سمورين تبديلين" جي جڳهہ تي لفظ، ڏنگيون، انگ ۽ ڪاما "ذيلي پيراگراف (1) جي شقن موجب، ڪا تبديلي" متبادل بڻايا ويندا.

5. پيراگراف 7 جي ذيلي پيراگراف (1) جي شق (b) ۾__

(الف) ڏنگين، انگ ۽ ڪاما ڪانپوءِ "(2)"، لفظ ۽ ڪاما "يا صوبائي حڪومت جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ" وڌا ويندا، ۽

(ب) آخر ۾ موجود فل اسٽاپ جي جڳهه تي ڪاما وڌي ويندي ۽ ان ڪانپوءِ هيٺين شق (Proviso) جو اضافو ڪيو ويندو، يعني:-

"بشرطيڪ، صوبائي حڪومت جي عام يا خصوصي اجازت سان، ڪنهن شخص کي ترقي، نوڪري يا مصروفيت ڏئي سگهجي ٿي، اهڙين شرطن ۽ ضابطن تي جيڪي صوبائي حڪومت طرفان منظور شده هجن، اهڙي عهدي يا آسامي تي جيڪا رٽائرمينٽ، يا نوڪري جو مقرر ڪيل عرصو پورو ٿيڻ تي، يا سندس نوڪري جي شرطن ۽ ضابطن موجب نوڪري کان برطرفي، ڪو شخص جنهن کي پندرهين مارچ، 1972 کان اڳ ملازمت تي رکيو يا مصروف بڻايو ويو هو."

6. پيراگراف 12 ۾، لفظ "۽" جي جڳهه تي لفظ "يا" متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**